# سِنڌِي پَٹو



ٿَراڎِرِي ٻولِي مان

# هڌايات

آ ڪِتابِ سنڌي پڙو زي ٿَراڎرِي ٻولِي پڙِينَ هان شِيچِينَ آيا سي ايئان هارُو آ ڪِتابِ تيار ڪريو سي ڪي ٿراڎرِي سوڪران آ ڪِتابِ سنڌي پڙو سُني نموني پڙِي هانَ شِيچِي ڪي اين هارُو ڪرِينَ ماستران نين آ ڪِتابِ محنت ٿِي پڙاوو پڙَشي۔

ماستر هارُو هڌايت سي ڪي ٿراڎرِي سوڪران نين آ ڪِتابِ پوتان نِي ٿراڎرِي ٻولِي مان پڙاوي هانَ شِيڪاڙَي۔ آ ڪتابِ تيار ڪريا هارو ڪرين امين لِٽريسي ڪورس ڪرين تيار ڪريو سي اين هارو ڪرين ماستران نين پڻ ايون نموني ٿي سوڪران نين سنڌي پڙيا ۾ آ ڪتابِ سوڪرانني الاهي مڌڌ ڪرشي۔

# فهرست


| نمبر | مضمون | پنُو نمبر |
|---|---|---|
| 1 | سنڌي الف ب جا اکر | 1 |
| 2 | ٽرادري ۾ سنڌي الف ب جا آواز | 2 |
| 3 | سنڌي ۾ ٽراڏري جا هڪ جهڙا آواز ۾ مثالون | 3 |
| 4 | سنڌي جا اهي اکر جيڪي ٽرادري ۾ ڪونهي | 9 |
| 5 | جيڪڏهن ڪدو ڪري ها | 26 |
| 6 | جهنڊو | 27 |
| 7 | اسان جو وطن پاڪِستان | 28 |
| 8 | هفتي جي ڏيهن جا نالا | 29 |
| 9 | رنگن جا نالا | 30 |
| 10 | سال جي مهينن جا نالا | 31 |
| 11 | موسمن جا نالا | 32 |
| 12 | هڪ کان سو تائين انگ | 33 |
| 13 | گرامر جا ڪجھ اصول | 35 |

# سنڌي الف ب نا اکر

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ |
| ٺ | ث | پ | ڦ | ج | ڄ | جھ |
| ڃ | چ | ڇ | ح | خ | د | ڌ |
| ڏ | ڊ | ڍ | ذ | ر | ڙ | ز |
| س | ش | ص | ض | ط | ع | غ |
| ف | ق | ک | ڪ | گ | ڳ | گھ |
| ڱ | ل | م | ن | ڻ | و | ھ |
| | | ء | ي- | | | |

تراڏري هان سنڌي مان ايڪ زيوا الف ب نا آواز

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ

ٺ پ ڦ ج ڄ جھ

ڃ چ ڇ ح د ڌ

ڏ ر ڙ ز س ش

ط ک ڪ گ ڳ گھ

ل م ن ڻ و ھ


ء ي۔


(ماستران هارو هدايت)

سوڪران نين شيڪاڙو ڪي ٽراڏري هان سنڌي مان زي ايڪ زيوا اڪر سي اين نيون مثالون نيسي آلل سي.
سوڪران نين آ آوازون شيڪاڙو. زمڻا پاسي ٽراڏري مان سي هان ڏاوا پاسي سنڌي مان سي. هان ڦوٽو زوئينَ نوا اڪر ٺاهوو.

---

آ






آرِي

آرشِي

ا






اَنبَ

اينڍُون

# ب




بُوٽَ




بَدَکَ

# ت




تاۯُون




تارو

# ٻ




ٻَکِرِي




ٻِلِي

# ٿ




ٿاڙي




ٿَنڀَ

# ٽ




ٽِيڏَ




ٽوپِي

# ٽ




ٽوڙهو




ٽُونٽَ

## پ




پَگ




پاوا

## ج



جَگ



سِج

ٽراڏري هان سنڌي مان ايڪ زيوا اکران ني مثالون. سوڪران نين پٽاوو هان ڪانڪ نوا اکر پوسو. زمٽا پاسي ٽراڏري مان سي هان ڏاوا پاسي سنڌي مان سي.

---

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڄ | ڄمنُون | ڄ | ڄاري |
| جھ | جھنگِل | جھ | جھرڪي |
| ڃ | پَنڃَ | ڃ | ڃَڃَ |
| چ | چِمچو | چ | چنڊ |
| ڇ | ڇَل | ڇ | ڇَٻِي |
| ڌ | ڌر | ڌ | ڌوٻي |
| ڏ | ڏاڙِ | ڏ | ڏيڏر |
| ڊ | ڊول | ڊ | ڊڳو |
| ر | ريڙو | ر | ريل |
| ڙ | چاڙي | ڙ | ماڙي |
| ز | زاز | ز | زنجير |
| س | ساڪو | س | سيٽي |
| ش | شيڙو | ش | شينهن |
| ڦ | ڦونهارو | ڦ | ڦيٿو |
| ڪ | ڪاوو | ڪ | ڪُتو |
| ک | کميش | ک | کَٽَ |
| گ | گلاس | گ | گڏهِ |


| | | | |
|---|---|---|---|
| ڳ | ڳاڏي | ڳ | ڳئون |
| گھ | گھوڙيون | گھ | گھوڙو |
| ل | لوهار | ل | لغڙ |
| م | مناڙي | م | مس |
| ن | ناڏي | ن | نڪ |
| ڻ | ڪانڻو | ڻ | وڻ |
| و | وينسون | و | واڍو |
| ھ | ھرڻي | ھ | ھاٿي |
| ي | يڪتارو | ي | يڪو |

سنڌي نا آ او اکر سي زي ٿَراڏري مان نٿي۔ ڪانڪ ايوا اکر سي زي امين اُوڌارا اکر ڪان سان زي اَمين ٻوليا هان لِڇا مان استعمال ڪران سان۔

---

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ث | ح | خ | د | ڊ | ذ |
| ص | ض | ط | ظ | ع | غ |
| ف | ق | ڳ۔ | | | |

# ح



حوض



حَجَم

هِي حَجَم آهي۔
حَجَم وار ڪَٽي ٿو۔
وار حوض ۾ ڪريا۔
حوض جو پاٹي ڪراب ٿيو۔

آ نائي سي۔
نائي ٻال ڪاتري  سي۔
ٻال حوض مان پڙيا۔
هوڪو پيوُون ڪَراٻ سي۔

---


ح　ح　ح　ح　ح　ح

ح -------- -------- -------- -------- --------


حجَم ______ ______ ______ ______ ______

حُڪو ______ ______ ______ ______ ______

# خ



خَنجَر



خَچَرُ

هِيءُ خَچَرُ آهي.
خَچَرُ گاهَ کائي ٿو.
خَچَر خَنجَر کان ڊڄي ٿو.
خَنجَر تِکو آهي.

آ کَچَر سي.
کَچر ڳاھ کائي سي.
کچر خنجر تي پيائي سي
خنجر تِکون سي.

---


خ   خ   خ   خ   خ   خ


خ -------- -------- -------- -------- --------

خَچَرُ ______ ______ ______ ______ ______

خَط ______ ______ ______ ______ ______

# د





دَرُ

ميدان

هِيءَ دَرُ آهي.
دَرُ ڪاٺ جو ٺهيل آهي.
درُ جي اَڳيان هِڪ ميدان آهي.
هُن ميدان تي راند ڪندا آهيون.

آ ڏر سي.
ڏر لاڪڙا نُون ناهل سي.
ڏر آڳڙ ايڪ ميڏان سي.
اِي ميڏاني رَمَچَ رمان سان.

---


د    ڌ    ڌ    ڌ    ڌ    ڌ

د    --------    --------    --------    --------    --------


دَري    ______    ______    ______    ______    ______

دَرُ    ______    ______    ______    ______    ______

# ڊ



ڊاک



ڊيل

هيءَ ڊيل آهي.
ڊيل جي ٻولي مٺي آهي.
ڊيل ڊاک کائي ٿي.
ڊاک مٺا آهن.

آ ڊيل سي.
ڊيل نِي ٻولي مينٺي سي.
ڊيل ڈراک کائي سي.
ڈراکون مينٺيون سي.

---


ڊ    ڊ ڊ ڊ ڊ ڊ

ڊ    -------- -------- -------- -------- --------

ڊيل    ______ ______ ______ ______ ______

ڊاک    ______ ______ ______ ______ ______

# ذ



ڪاغذ



ذرو

هِي ذرو آهي۔
ذرو تمام مِٿو آهي۔
ذرو ڪاغذ تي رکيو۔
ڪاغذ خراب ٿي ويو۔

آ زريڪ  سي۔
اَلاهِي مينٿو سي۔
زريڪ ڪاڳڙ ماٿي ميليون۔
ڪاڳڙ ڪراٻ ٿئي جُهون۔

---


ذ    ذ    ذ    ذ    ذ    ذ

ذ    --------    --------    --------    --------    --------


ذرو    ______    ______    ______    ______    ______

مذاق    ______    ______    ______    ______    ______

# ص



صُوف



صابَڻَ

هِي صُوف آهي۔
صُوف مِٺو آهي۔
هٿ صابَڻَ سان ڌو۔
مِٺو صُوف کاءُ۔

آ سُوڙ سي
سُوڙ مينٺو سي۔
هاٿ هاپُو ڌِي ڌوو۔
مينٺُو سُوڙ کا۔

ص ص ص ص ص ص

ص -------- -------- -------- -------- --------

صُوف ______ ______ ______ ______ ______

صابَڻَ ______ ______ ______ ______ ______

# ض



ضعيف



ضرب

هِي ضعيف آهي.

ضعيف هلڻ ۾ ڪمزور آهي.

ضعيف ضرب نٿو ڪري سگهي.

ضرب سکڻ ضروري آهي.

آ ڏوهو سي.

ڏوهو هينڏيا مان ڪمزور سي.

ڏوهو ضرب نٿي ڪري
ڪيتو.

ضرب شِيکُوُن ضروري
سي.

---


ض ض ض ض ض ض

ض -------- -------- -------- -------- --------

ضعيف ______ ______ ______ ______ ______

ضرب ______ ______ ______ ______ ______ ______

# ط






خَط | طوطو

هِيءُ طوطو آهي.
طوطو مِٿي ٻولِي ڳالهائي ٿو.
طوطو خَط چُنبَ سان جَهلي ٿو.
طوطو خَط ڪَٽي اُڏري ٿو.

آ مِٿو سي.
مِٿو مينٿي ٻولي ٻولي سي.
مِٿو ڪَت چُنب ٿي ڳري سي.
مِٿو ڪَت لئينَ اُوڏي سي.

---

ط ط ط ط ط ط

ط -------- -------- -------- -------- --------

طوطو ______ ______ ______ ______ ______

خَط ______ ______ ______ ______ ______

# ظ



ظالِمُ

| | |
|---|---|
| هِي ظالم آهي. | آ ظالم سي. |
| ظالم ظُلم ڪري ٿو. | ظالم ظُلم ڪري سي. |
| هوڏانهن چوڪرو انتظار ۾ آهي. | اُومنين سوڪرو انتظار مان سي. |
| انتظار ڪندي ٿڪي پيو آهي. | انتظار ڪرتان ٿاچي جهو سي. |

ظ ظ ظ ظ ظ ظ


ظ -------- -------- -------- -------- --------

ظعيف ______ ______ ______ ______ ______

______ ______ ______ ______ ______

# ع





عورت

عينَڪ

هي عينَڪ آهي.
عورت عينَڪ پائي ٿي.
عينَڪ سُٺي آهي.
عورت صاف ڏسي ٿي.

آ ايننڪ سي.
ٻائيڙي ايننڪ لاکي سي.
ايننڪ هڏري سي.
ٻائيڙي هڏرون زووي سي.

---

ع ع ع ع ع ع

ع -------- -------- -------- -------- --------


عينَڪ ______ ______ ______ ______ ______

عورت ______ ______ ______ ______ ______

# غ



غار



لَغَڙَ

هِي وڏي غار آهي.
غار جي اندر ڍپ لڳي ٿو.
لَغَڙَ هوا ۾ اُڏندو هو.
لَغَڙَ غار ۾ گُم ٿِي ويو.

آ موٽي گارِ سي.
گارِ مانئين ٻيک لاڳي سي.
لگهڙ هوا مانا اوڏتون تون.
لگهڙ گارِ مان كورائي جهون.

---

غ غ غ غ غ غ

غ -------- -------- -------- -------- --------

غاليچو ______ ______ ______ ______ ______

غار ______ ______ ______ ______ ______

# ف



فوجِي



فَقِير

هي فَقِير آهي۔
فَقِير غريب آهي۔
فوجي فَقِير سان مِلي ٿو۔
فوجي فَقِير کي پئيسا ڏي ٿو۔

آ ڤقير سي۔
ڤقير گريبڀ سي۔
ڤوجي ڤقير ٿي مِلي سي۔
ڤوجي ڤقير نين پئيشا آلي سي۔

---


ف    ف    ف    ف    ف    ف


ف -------- -------- -------- -------- --------

فَقِير ______ ______ ______ ______ ______

فوجِي ______ ______ ______ ______ ______

# ق





قينچِي

قَلم

هي قلم آهي.
قلم سان پٽي تي لِکبو آهي.
قينچي سان قلم ڪتبو آهن.
قينچي سان ڪپڙا به ڪتبا آهن.
سان.

آ قلم سي.
قلم ٽي پٽي ماٽي لِکائي سي.
ڪاتينٽِي ٽي قلم ڪٽان سان.
ڪاتينٽِي ٽي لُگھڙان پڻ ڪٽان

---


ق ق ق ق ق ق

ق -------- -------- -------- -------- --------

قلم ______ ______ ______ ______ ______

قينچِي ______ ______ ______ ______ ______

# ڱ

سِنڱَ واڱڻَ

هي سِنڱَ آهن۔

جانورن کي سِنڱَ هوندا آهن۔

هي واڱڻَ آهي۔

واڱڻَ جي ڀاڄِي ٺاهيندا آهن۔

آ شينگڙان سي۔

زناوران نين شينگڙان هوئي سي۔

آ رينگڑان سي۔

رينگڑان نون شاڪ ڪران سان۔

---

ڱ ڱ ڱ ڱ ڱ ڱ

ڱ -------- -------- -------- -------- --------

سِنڱَ ______ ______ ______ ______ ______

واڱڻَ ______ ______ ______ ______ ______

# آکاڻي

## جيڪڏهن ڪَدو ڪِري ها


هڪڙي شخص جنهن کي نکتہ چيني ڪرڻ جي عادت هئي، سير ڪرڻ لاءِ باغ ۾ ويو. اَنب جو وڻ ڏسي چوڻ لڳو تہ شاندار آهي پر هيڏو سارو وڻ ۽ اَنب ڪيڏا ننڍڙا! اُن کان پوءِ هو ڪدو جي ول وٽ آيو. هڪڙو وڏو ڪدو



لٽڪندڙ ڏسي چوڻ لڳو افسوس ڪيڏو ميوو آهي، پر وڻ تہ ڏسو! خدا جي هي ڀِي غلطي آهي. اَصل انب ڪدو جي وڻ ۾ ۽ ڪدو اَنب جي وڻ ۾ لڳڻ گهرجي ها. هو جڏهن باغ جي سير ڪري ٿڪو، تڏهين اَنب جي وڻ هيٺ ڇپر تي ليٽي پيو. وڻ تي طوطو ويٺو هو. اُن اَنب پئي کاڌو، ايتري ۾ ٽاري ٽُٽي پئي ۽ اَنب اَچي سُتل شخص جي اَک تي ڪريو. هو گهبرائجي اُٿي ويٺو ۽ چوڻ لڳو يا ا□ قصُور معاف ڪر يعني تہ منهجي صلاح موجب اَنب جي وڻ ۾ ڪدو لڳل هُجي ها ۽ اِهو منهنجي اَک تي ڪري ها تہ مُنهجي اَک تہ ڇا پر منهنجي کوپڙي جو بہ پتو نہ پوي ها.

( هي ڪهاڻي نئون ڏينهن قائدو سِنڌي مان ورتل آهي ص نمبر 38)

# جَهنڊو



جَهنڊو    پنهنجو    پاڪِستانِي
قوم  سندي  جو  آهي نشاني

جَهنڊو  جان  ڪان  آهي  پيارو
روشن  ان  ۾  چَنڊ  ۽  تارو

رنگ  اُنهي  جو آهي  نيارو
سائو، اڇو  واهه  جو  ٻارو

اُن  سان  آهي  مان  اسان  جو
جَهنڊو  آهي  شان  اسان  جو

اڇو تہ گڏجي  گِيت  هي ڳايُون
قومِي  جَهنڊي  کي  جُهولايُون

(ٻچل ميمڻ)

# اسان جو وطن پاڪِستان

اسان جو وطن پاڪِستان آهي.

پاڪِستان قائداعظم محمد علي جناح رحہ ۱۴ آگسٽ ۱۹۴۷ع

ٺاهيو. پاڪِستان جا چار صوبا آهن.

سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان. پاڪستان جي گادي جو هنڌ اسلام آباد آهي

پاڪِستان ۾ وڏا وڏا جبل، ٻيلا ۽ ميدان آهن. اُن ۾ سمنڊ، درياءُ ۽ ڍنڍون پڻ

آهن.

سنڌو درياءُ پاڪستان

جو وڏي ۾ وڏو درياءُ آهي.

هتي جي زمين ڏاڍي ڀلي آهي.

اُن ۾ اناج، ڀاڄيون ۽ ميوا ٿيندا آهن.

پاڪستان ۾ ڪيترا ئي ڪارخانا آهن.

انهن ۾ کنڊ، ڪپڙو، دوائون

۽ ٻيون شيوُن ٺهنديوُن آهن.

اسان جي پياري ملڪ جو هڪ جهنڊو آهي.

اُن جو رنگ سائو ۽ اڇو آهي. اُن جي وچ ۾ چنڊ ۽ تارو آهي. اسين اُن جي

عزت ڪريون ٿا. اسين سڀ پاڪستاني آهيون ۽ پاڻ ۾ گڏجي رهندا آهيون.

پياري وطن جي هرشيءَ اسان کي پياري آهي اسان کي انهن جي سنڀال

ڪرڻ گهرجي. ا□ سائين، شال اسان جي وطن کي سدائين آباد رکي.

هي سبق نئون ڏينهن قائدو مان ورتل آهي ص نمبر 40.

ماستران هارو هدايت:

سوڪران نين هفتا نا ڏاڙا نان نام لِکوا هانَ پڻوا شيکاڙو.

---

**سُومر انگارو اَربع خمِيس جُمعو ڇَنڇَر آچر**

**سومر** هفتي جو پيهريون ڏينهن آهي.

**انگاري** جي ڏينهن ميرپورخاص شهر ۾ مال جي پِڙي لڳندي آهي.

**اربع** جي ڏينهن اسڪول کان پوءِ ڪرڪيٽ ميچ کيڏيندا آهيون.

**خميس** جي ڏينهن اسان پوري اسڪول جي صفائي ڪندا آهيون.

**جُمعي** جي ڏينهن اسان پنهنجا هٿ، نهن ۽ ڪپڙا استاد کان چيڪ ڪرائيندا آهيون.

**ڇنڇر** جي ڏينهن ٻار پنهجهي گهر اسڪول جو ڪم ڪندا آهين.

**آچر** جو استاد به اڳين ڏينهن جي لاءِ پڙهائڻ جي تياري ڪندو آهي.

# رنگن جا نالا

سوڪران نين رنگن نان نام شيڪاڙو هان ڪانڪ نوا رنگ نان نام پُوسو.

---

**سائو ڳاڙهو ڪارو اَڇو هيڊو ڇَمُون**

پاڪستان جي جهنڊي ۾ **سائو** رنگ آهي.

گلاب جو **ڳاڙهو** رنگ هوندو آهي.

بورڊ جو **ڪارو** رنگ هوندو آهي.

آنو **اَڇي** رنگ جو هوندو آهي.

صبح جو سج **هيڊو** ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

واڱڻ جو رنگ **ڇَمُون** جهڙو هوندو آهي.

# سال جي مهينن جا نالا

**جنوري** سال جو پهريون مهينو آهي

**فيبروري** جي مهيني ۾ شاديون جام ٿينديون آهن

**مارچ** ۾ اسڪول جا اِمتحان ٿيندا آهن

**اپريل** ۾ اسڪول جون موڪلون ٿينديون آهن

**مئي** ۾ گرميون شروع ٿي وينديون آهن

**جون** واري مهيني ۾ اَنبڙيون تيار ٿي وينديون آهن

**جولائي** ۾ تمام وڏيڪ برسات پوندي آهي.

14 **آگسٽ** جو پاڪستان آزاد ٿيو هو.

**سيپٽمبر** جي مهيني ۾ مينهن ختم ٿي ويندو آهي.

**آڪٽوبر** جي مهيني ۾ سيارو شروع ٿيندو آهي.

**نومبر** جي مهيني ۾ سِي جام پوندو آهي.

25 **ڊسمبر** تي قائداعظم پيدا ٿيو هو.

## 2012

**January**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 30 | 31 | | | | | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |

**February**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 |
| 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 |
| 27 | 28 | 29 | | | | |

**March**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | 1 | 2 | 3 | 4 |
| 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 |
| 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 |
| 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | |

**April**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 30 | | | | | | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |

**May**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | 31 | | | |

**June**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | |

**July**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 30 | 31 | | | | | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |

**August**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 |
| 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 |
| 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | | |

**September**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |

**October**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | 31 | | | | |

**November**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | 1 | 2 | 3 | 4 |
| 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 |
| 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 |
| 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | | |

**December**

| Mo | Tu | We | Th | Fr | Sa | Su |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 31 | | | | | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |

## موسمن جا نالا


**سيارو بھار اُونارو سرءُ**



**سياري** ۾ سِيءُ جام پوندو آھي.
سياري ۾ ماڻھو گرم ڪپڙا پائيندا آھن.
سياري جي مُند ۾ ڀاڄيون جام ٿينديون آھن.



**بھار** ۾ گُل جام ٿيندا آھن.
موسم تمام سھڻو لڳندو آھي.
ھر گُل ۽ وڻ ۾ ساوڪ ھوندي آھي.



**اُوناري** ۾ گرمِي ھُوندي آھي.
گھڻو ڪري برسات تمام وڏيڪ پوندي آھي.
اُوناري ۾ برسات جي ڪري مڇر جام پيدا ٿيندا آھن.



**سرءُ** ۾ وڻن جا پَنَ ڇَڻِي ويندا آھن.
سرءُ جي موسم ۾ گرم ھوائون لڳنديون آھن.
وڻن ۽ گُلن ۾ مان ساوڪ ختم ٿي ويندي آھي.

# هِڪَ کان سَوَ تائين اَنگ

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۱ | هِڪُ | ۲٦ | ڇَوِيھ |
| ۲ | ٻَہ | ۲۷ | سَتاوِيھ |
| ۳ | ٽي | ۲۸ | اَٺاوِيھ |
| ۴ | چار | ۲۹ | اُوڻَٽِيھ |
| ۵ | پَنجَ | ۳۰ | ٽِيھ |
| ٦ | ڇَهَ | ۳۱ | ايڪَٽِيھ |
| ۷ | سَتَ | ۳۲ | ٻٽِيھ |
| ۸ | اَٺَ | ۳۳ | ٽيٽِيھ |
| ۹ | نَوَ | ۳۴ | چوٽِيھ |
| ۱۰ | ڏَهَ | ۳۵ | پَنجَٽِيھ |
| ۱۱ | يارَهن | ۳٦ | ڇٽِيھ |
| ۱۲ | ٻارَهن | ۳۷ | سَتَٽِيھ |
| ۱۳ | تيرَهن | ۳۸ | اَٺَٽِيھ |
| ۱۴ | چوڏَهن | ۳۹ | اُوڻيتالِيھ |
| ۱۵ | پَندرَهن | ۴۰ | چاليھ |
| ۱٦ | سورَهن | ۴۱ | ايڪيتاليھ |
| ۱۷ | سَترَهن | ۴۲ | ٻائيتاليھ |
| ۱۸ | اَرڙَهن | ۴۳ | ٽيتاليھ |
| ۱۹ | اُوڻِيھ | ۴۴ | چوئيتاليھ |
| ۲۰ | وِيھ | ۴۵ | پنجيتاليھ |
| ۲۱ | ايڪِيھ | ۴٦ | ڇائيتاليھ |
| ۲۲ | ٻاوِيھ | ۴۷ | ستيتاليھ |
| ۲۳ | ٽيوِيھ | ۴۸ | اٺيتاليھ |
| ۲۴ | چووِيھ | ۴۹ | اوڻونجاھ |
| ۲۵ | پَنجوِيھ | ۵۰ | پنجاھ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٥١ | ايڪونجاھ | ۷٦ | ڇاهتر |
| ٥٢ | ٻاونجاھ | ۷۷ | ستهتر |
| ٥٣ | ٽيونجاھ | ۷٨ | اٺهتر |
| ٥۴ | چوونجاھ | ۷٩ | اوڻاسي |
| ٥٥ | پنجونجاھ | ٨٠ | اسي |
| ٥٦ | ڇاونجاھ | ٨١ | ايڪاسي |
| ٥۷ | ستونجاھ | ٨٢ | ٻياسي |
| ٥٨ | اٺونجاھ | ٨٣ | ٽياسي |
| ٥٩ | اوڻهٺ | ٨۴ | چوراسي |
| ٦٠ | سٺ | ٨٥ | پنجاسي |
| ٦١ | ايڪهٺ | ٨٦ | ڇهاسي |
| ٦٢ | ٻاهٺ | ٨۷ | ستاسي |
| ٦٣ | ٽيهٺ | ٨٨ | اٺاسي |
| ٦۴ | چوهٺ | ٨٩ | اُوڻانوي |
| ٦٥ | پنجهٺ | ٩٠ | نوي |
| ٦٦ | ڇاهٺ | ٩١ | ايڪانوي |
| ٦۷ | ستهٺ | ٩٢ | ٻيانوي |
| ٦٨ | اٺهٺ | ٩٣ | ٽيانوي |
| ٦٩ | اوڻهتر | ٩۴ | چورانوي |
| ۷٠ | سَتَر | ٩٥ | پنجانوي |
| ۷١ | ايڪهتر | ٩٦ | ڇهانوي |
| ۷٢ | ٻاهتر | ٩۷ | ستانوي |
| ۷٣ | ٽيهتر | ٩٨ | اٺانوي |
| ۷۴ | چوهتر | ٩٩ | نوانوي |
| ۷٥ | پنجهتر | ١٠٠ | سَو |

# گرامر جا ڪُجھ اَصُول۔

ٽراڏري مان ي ماٿي زبر نٿي اين ني مثال نيسي آلل سي۔

**زم: عيَنَڪ۔**

ٽراڏري مان ء ماٿي آکر مان پيش نٿي آوتي۔

**زم: پيءُ، ماءُ، ڪاءُ**

ٽراڏري مان ء ماٿي آکر مان زبر نٿي آوتي۔

**هيءَ**

ءَ هان ءُ زي ٽراڏري مان نٿي۔

**هيءَ زال آهي۔**
**هيءُ مرد آهي۔**